# فهرست


| سبق | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | حمد ........................... (نظم) | 1 |
| 2 | انسانيت | 3 |
| 3 | نعت ............................ (نظم) | 6 |
| 4 | حضرت بيبي زينب رضہ | 8 |
| 5 | ايمان، اتحاد ۽ تنظيم | 12 |
| 6 | عبدالستار ايڌي | 16 |
| 7 | بجليءَ جي دريافت | 20 |
| 8 | پاڪستان جا منظر | 24 |
| 9 | شهيد الهه بخش سومرو | 28 |
| 10 | وطن جي حب ........... (نظم) | 32 |
| 11 | شهري بچاءُ جي سکيا | 34 |
| 12 | هاڪي راند | 38 |
| 13 | مثالي شاگرد | 43 |
| 14 | ٻڌايون سُک جو ڪو سنسار....(نظم) | 47 |
| 15 | سنڌي ادب جي مختصر تاريخ | 49 |
| 16 | گرلز گائيڊ | 53 |
| 17 | پاڪستان جون موسمون | 57 |
| 18 | بادل ڊوڙو .................... (نظم) | 61 |
| 19 | حياتيات | 63 |
| 20 | قدرتي آفتون | 66 |
| 21 | بادشاهه ۽ مسخري جي ڳالهه....(نظم) | 71 |
| 22 | سائنسي ترقي | 73 |
| 23 | پاڪستان جا هوائي اڏا ۽ بندرگاهه | 77 |
| 24 | سکر بئراج | 80 |
| 25 | پورهيت جي عزت ...... (نظم) | 83 |
| 26 | ٻڌيءَ ۾ برڪت | 85 |
| 27 | مڪليءَ جو سير | 88 |
| 28 | علم ڪيميا | 91 |
| 29 | سوپارو ساٿيھ ........... (نظم) | 95 |
| 30 | تفريح ۽ وندر | 97 |
| 31 | ڏاهپ جو خزانو | 100 |
| 32 | نوان لفظ | 103 |

**سکيا جي حاصلات**

- نظم ۾ آکاڻي پڙهي لطف اندوز ٿيڻ
- نصيحت پريون ڳالهيون سکڻ
- نظم سُر ۽ لئہ ۾ پڙهڻ
- نوان لفظ استعمال ڪرڻ
- زمان ماضي قريب بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ
- نظم جي مرڪزي خيال کان واقف ٿيڻ

## سبق ايڪيهون

# بادشاهه ۽ مسخري جي ڳالهہ



شهنشاهه هڪڙو هُئو خوش مزاج، ڪچهريءَ ۾ پهري هُو وينو هو تاج.
اچي مسخرو ات سلامي ٿيو، شهنشاهه تنهن کي تڏهن هيئن چيو:
”ميان مسخرا تو کي ڏيان تو انعام، مگر ياد رکجانءِ منهنجو انعام،
”ڏسين پاڻ کان عقل ۾ ڪوبہ گهٽ، ڏجان چيز منهنجي تهين کي نہ جهٽ!“
شهنشاهه تنهن کي ڏني پوءِ لٺ، وٺي مسخري ڪئي سلامن جي سٽ.
هِڪي ڏينهن شهنشاهه بيمار ٿيو، پڇڻ مسخرو تنهن اماڪ ويو.
چيو شاهه تنهن کي: ”وڃان ٿو سفر، دعا ڪا پڇاڙيءَ ۾ مون کي تون ڪر.“
پڇيو مسخري اُت ٻڌي هٿ تڏهن: ”شهنشاهه جي موٽ ٿيندي ڪڏهن؟“
چيو شاهه: ”وڃان ٿو پري کان پري، وريو ڪونہ ڄاڻان نڪو ڪو وري.“
پڇيو مسخري پوءِ ٻڌي هٿ ٻئي: ”سفر جي تياري توهان ڇا ڪئي؟“

مِـل ۾ ڏس مـزدور اچـن تـا،
پنهنجي وطن لئہ پورهيو ڪن تا،
سـمـجـهـ اهـوئـي درس ڏيـن تـا،
مـحـنـت سـان ئـي رنـگ رچـن تـا.

مـحنت مـحنت مـحنت مـحنت،
مـحـنـت ۾ ئـي آهـي عـظـمـت،
اچـو پـڙهـڻ تـي ڌيـان لڳـايـون،
پـنـهـنـجـي وطـن جـو مـانُ وڌايـون!

امداد حسيني

## مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب لکو:**

1. وطن جو صبح ڪهڙو آهي؟
2. وطن جي شام ڪهڙي آهي؟
3. وطن جي رات ڪهڙي آهي؟
4. وطن جي درياهن جو پاڻي ڪهڙو آهي؟
5. مزدور ڪنهن جي لاءِ پورهيو ٿو ڪري؟
6. عظمت ۾ ڇا آهي؟

**(ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:**

ڏيهـ، سوپارو، ساٿيهـ، درس، ڳـاٿُ

**(ج) هيٺ ڏنل لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ لکو:**

ساٿيهـ، مانُ، سهڻو، نظارا، مـحنت

**(د) جيڪو لفظ قافئي جي پٺيان بار بار اچي تہ ان کي”رديف“ چئبو آهي.**
**هيٺ ڏنل بند ۾ رديف وارن لفظن هيٺان ليڪ پايو:**

- مِل ۾ ڏس مزدور اچن تا، پنهنجي وطن لئہ پورهيو ڪن تا.
- ڏاڏاڻو هي ڏيهـ اسان جو، سوپارو ساٿيهـ اسان جو.
- جبل انهيءَ جا اوچا آهن، ڳاٿ ڪنيو ڏس بينا آهن.

**ياد رکو تہ:**

امداد حسيني جو پورو نالو سيد امداد علي شاهہ آهي. هي ٽکڙ شهر، ضلعي ٽنڊي محمد خان جو رهاڪو آهي. پاڻ جديد سنڌي شاعريءَ جو اهم شاعر آهي.

